سنڌي

# کھڙن ماڻھن! جي دعا قبول ٿئي ٿي



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: کهڙن ماڻهن! جي دعا قبول ٿئي ٿي

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1442هـ، سيپٽمبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# کھڙن ماڻھن! جي دعا قبول ٿئي ٿي

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) ھن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آھر ڪوشش ڪئي آھي. جيڪڏھن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# کھڙن ماٺھن جي دعا قبول ٿئي ٿي

### دعاءِ عطار

يا ربّ مصطفيٰ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”کھڙن ماٺھن جي دعا قبول ٿئي ٿي“ پڙھي يا ٻڌي وٺي ان جي دعائن تي رحمت جي خاص نظر فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

### هر ڦڙي مان ملائڪ پيدا ٿيندو آهي

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: الله پاڪ جو هڪ ملائڪ آهي ان جو هڪ ٻازو مشرق ۾ آهي ۽ ٻيو مغرب ۾. جڏھن ڪوئي شخص مون تي محبت سان درود موڪليندو آهي اهو ملائڪ پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي پنهنجا پَر ڇنڊيندو آهي. الله پاڪ ان جي پرن مان ڪرندڙ پاڻي واري هرهر ڦڙي مان هڪ هڪ ملائڪ پيدا ڪندو آهي اهي ملائڪ قيامت تائين ان درود شريف پڙھڻ واري جي لاءِ استغفار ڪندا آهن. (القول البديع ص 251)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# فصل: اٺون

## انهن ماڻهن جي متعلق جن جي دُعا قبول ٿيندي آهي.

**قال الرضا**: اهي اٺيھ ماڻهو آهن. اٺ حضرت مصنف ذڪر ڪيا آهن ۽ باقي ٻارهن فقير شامل ڪيا آهن.

(1) بي چين ۽ پريشان حال

**قال الرضا**: ان جو تہ خود قرآنِ ڪريم ۾ اشارو موجود آهي:

(اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ)

(ترجمو ڪنزالايمان: يا اهو جيڪو لاچار جي ٻڌي ٿو، جڏهن ان کي پڪاريو وڃي ۽ پري ڪري ٿو برائي. (پ 20، النمل:62)

(2) مظلوم جيتوڻيڪ فاجر هجي، توڙي جو ڪافر هجي

**قال الرضا**: حديثِ پاڪ ۾ آهي: "اللّٰه تعاليٰ ان سان فرمائي ٿو:

وعزتي لأنصرنّك ولوبعد حين.

"مونکي پنهنجي عزت جو قسم بيشڪ ضرور مان تنهنجي مدد ڪندس جيتوڻيڪ ڪجھ دير ڪانپوءِ" (ترمذي شريف جلد5 ص343، حديث :3609) (سنن ابن ماجہ جلد 2، ص 349، حديث: 1752)

(3) عادل باشاه

(4) صالح مرد

(5) ماءُ پيءُ جو فرمانبردار

(6) مسافر

**قال الرضا**: رواہ ابن ماجه والعقيلی والبيهقی عن ابی هريرة رضی الله تعالی عنه والبزار وزاد: ﴿حتی يرجع﴾ والضياء عن أنس و أحمد والطبرانی عن عقبه بن عامر رضی الله تعالی عنهم[1]

ڪيئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آھي تہ ”ان جي (يعني مسافر جي) دعا ضرور مسُتجاب آھي، جنھن ۾ ڪجھ شڪ ناھي.“ رواہ احمد والبخاری فی ”الأدب المفرد“ و ابو دؤد والترمذی عن ابی هريرة ومنها حديث ابن ماجه والضياء المذکوران[2]

(مسند امام احمد بن حنبل جلد3 ص 71، حديث:7513) (الادب المفرد، باب دعوة الوالدين، الحديث:32،ص19)

بزار جي نزديڪ حديثِ ابوھريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ھنن الفاظن سان آھي: ”ٽي شخص اھي آھن جو الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آھي تہ انھن جي دُعا ردّ نہ ڪري: روزيدار جيستائين روزو نہ کولي، مظلوم جيستائين انتقام نہ وٺي ۽ مسافر جيستائين (گھر) نہ موٽي اچي. (ڪنزالعمال جلد1 ص44،حديث:3316)

(7) روزيدار

**قال الرضا**: خاص طور افطار جي وقت

(8) مسلمان ڀئي مسلمان لاءِ ان جي غير موجودگي ۾ دعا گھري.

---

[1] مسافر جي دعا جي قبوليت واري حديث کي ابن ماجہ، عقيلي، بيھقي ۽ بزار حضرت ابوھريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت ڪئي جڏھن تہ بزار ”حتي يرجع“ جي الفاظ جو اضافو ڪيو. ۽ انھيءَ حديث کي ضياء حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ احمد و طبراني حَضرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت ڪيو.
(سنن ابن ماجہ، جلد4، ص281،حديث:38262) (ڪنزالعمال جلد1، ص44، حديث:3316)

[2] ھن حديث کي امام احمد ”مسند احمد“ ۾ ۽ امام بخاري ”الادب المفرد“ ۾ ۽ ابوداؤد ۽ ترمذي حضرت ابوھريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت ڪيو، ۽ انھن متعدد احاديث مان ابن ماجہ ۽ ضياء جي روايت ڪيل مذڪوره حديث بہ آھي. (المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث: 13 75 ج 3 ص 71. و ”الادب المفرد“ باب دعوت الوالدين، الحديث: 32، ص 19)

**قال الرضا**: حديث شريف ۾ آهي: ”اها دعا نهايت جلد قبول ٿيندي آهي.“ ملائڪ چوندا آهن: ﴿آمين ولك بمثل ذالك﴾

”ان جي حق ۾ تنهنجي دعا قبول ٿئي ۽ توکي بہ انهيءَ طرح جي نعمت حاصل ٿئي.“ (سنن ابي داؤد، جلد 2، ص 126_127، حديث:1534_1535) (صحيح مسلم ص 1462، حديث :2732_2733)

ٻي حديثِ پاڪ ۾ فرمايو:

”هي دعا حاجي ۽ غازي ۽ مريض ۽ مظلوم جي دعائن کان بہ جلد قبول ٿيندي آهي.“

البيهقى فى ”الشعب“ بسند صالح عن ابن عباس رضى الله عنهما: ﴿خمس دعوات يستجاب لهن﴾ فذکرهن وقال: واسرع هذه الدعوات إجابة دعوة الأخ لأخيه بظهر الغيب[1]

بلڪ ٽي حديث ۾ ارشاد ٿيو تہ ”هن کان وڌيڪ جلد قبول ٿيڻ واري ڪوئي دعا ناهي.“ رواه الترمذى عن عبدالله بن عمر رضى الله تعالى عنهما ونحوه للطبرانى وغيره عن عبدالله بن عمر رضى الله تعالى عنهما[2]

چوٿين حديث شريف ۾ آيو: ”هي دعا رد ناهي ٿيندي.“

---

[1] امام بيهقي ”شعب الايمان“ ۾ صالح سند سان حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت ڪن ٿا: پنج دعائون مقبول آهن: پوءِ اهي ذڪر ڪيون يعني مظلوم، حاجي، مجاهد جڏهن جهاد لاءِ روانو ٿئي، مريض ۽ مسلمان جي مسلمان جي لاءِ ان جي غير موجوگي ۾ دعا ڪرڻ پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ هنن مان نهايت جلد قبول ٿيڻ واري دعا، هڪ مسلمان جي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ ان جي غير موجودگي ۾ گهري ويندڙ دعا آهي. (شعب الايمان جلد2، ص46_47، حديث:1125)

[2] هن حديث کي امام ترمذي ۽ انهيء مثل طبراني ۽ ٻين محدثن عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت ڪئي. (سنن ترمذي جلد3 ص395، حديث:385)

البزار عن عمران بن حصين رضى الله تعالى عنهما[1]

(9) **قال الرضا:** والدين جي دعا پنهنجي اولاد جي حق ۾، هڪ حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ ”هيءَ دعا امت جي لاءِ نبي جي دعا جي مثل هوندي آهي.“ رواه الديلمى عن انس رضى الله تعالى عنه[2]

(10) **قال الرضا:** اولاد جي دعا والدين جي حق ۾

ابونعيم عن واثلة بن اسقع رضى الله تعالى عنه عن النبى صلى الله عليه وسلم: اربع دعواتهم مستجابة: الإمام العادل والرجل يدعو لأخيه بظهر الغيب ودعوة المظلوم ورجل يدعو لوالديه[3]

(11) **قال الرضا:** حاجي جي دُعا جيسيتائين هُو پنهنجي گهر نہ پهچي.

حديث شريف ۾ آهي: ”جڏهن تون حاجي کان ملين، ان کي سلام ڪر ۽ مصافحو ڪر ۽ ان کي درخواست ڪر تہ اهو تنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري، ان کان پهريان جو اهو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿئي ڇوتہ اهو بخشيل آهي. أخرجه الإمام أحمد عن ابن عمر رضى الله تعالى عنهما[4]

---

1 هن حديث کي امام بزار عمران بن حصين رضی اللہ عنہ کان روايت ڪيو آهي. (مسند البزار جلد9 ص52، حديث:3577)

2 هن حديث کي ديلمي حضرت انس رضی اللہ عنہ کان روايت ڪيو آهي. (مسند الفردوس جلد1 ص386، حديث:2859)

3 ابو نعيم، واثل بن اسقع رضی اللہ عنہ کان اهو مصطفي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت تو ڪري: چار ماڻهن جون دعائون قبول آهن (1) عادل بادشاھ (2) اهو شخص جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي غِير موجودگي ۾ ان جي لاءِ دعا ڪري، ۽ (3) مظلوم جي دعا ۽ (4) اهو شخص جيڪو پنهنجي والدين جي لاءِ دعا ڪري. (ڪنز العمال جلد1 ص43، حديث:3302)

4 هن حديث جي تخريج امام احمد حضرت ابن عُمر رضی اللہ عنہما کان ڪئي آهي. (مسند امام احمد بن حنبل جلد2 ص351، حديث:5371)

ٻي حديث شريف ۾ آهي: ”حاجي جي دعا ردّ ناهي ٿيندي، جيستائين موٽي“ البيهقى والديلمى ويأتى۔[1]

(12) **قال الرضا**: عمرو ڪرڻ وارو

حديث شريف ۾ آهي: ”حج ۽ عمرو ڪرڻ وارا الله پاڪ جا مهمان آهن، انهن کي عطا ڪندو آهي جيڪو ڪجهه گهرن ۽ قبول فرمائيندو آهي جيڪا دعا ڪن“. رواه البيهقي (هن حديث کي امام بيهقي روايت ڪيو) (شعب الايمان جلد3 ص476-477، حديث:4106-4109)

(13) **قال الرضا**: مريض جو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جڏهن مريض وٽ وڃو، ان کان پنهنجي لاءِ دعا گهرايو ڇوته ان جي دعا ملائڪن جيان آهي.“ رواه ابن ماجه عن عمر رضى الله تعالىٰ عنه[2]

ٻي حديث شريف ۾ آهي: ”مريض جي دعا ردّ ناهي ٿيندي، ايستائين جو صحتياب ٿئي“ رواه ابن أبي الدنيا ونحوه عند البيهقي والديلمى عن ابن عباس رضى الله عنهما.[3]

(14) **قال الرضا**: هر مؤمن مبتلاءِ بلا يعني دنياوي و جسماني بلا ۾ آهي. هي مريض کان عام آهي.

---

[1] هن حديث پاڪ کي بيهقي ۽ ديلمي روايت ڪيو آهي هي حديث اڳتي ايندي. (شعب الايمان جلد2 ص47، حديث:1125)

[2] هن حديث کي ابن ماجه اميرالمؤمنين حضرت عمرِ فاروق رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪيو. (سنن ابن ماجه جلد2ص191، حديث:1441)

[3] هن حديث ابن ابي الدنيا ۽ انهيءَ جي مثل بيهقي ۽ ديلمي حضرت ابن عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آندي آهي. (شعب الايمان جلد2ص47، حديث:1125)

حديث شريف ۾ آهي: سلمان رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کي ارشاد فرمايو: ”اي سلمان! بيشڪ مبتلا جي دعا مقبول آهي“ الديلمی عنه رضی الله عنه[1]

ٻي حديث شريف ۾ آهي: ”مبتلا مؤمن جي دعا غنيمت سمجهو.“

ابو الشيخ عن أبی الدرداء رضی الله عنه.[2]

(15) **قال الرضا**: جيڪو خدا عَزَّوَجَلَّ کي ڪثرت سان ياد ڪندو هجي.

حديث شريف ۾ آهي: ”ٽن شخصن جي دعا الله تعاليٰ ردّ ناهي ڪندو: هڪ اهو جيڪو خدا عَزَّوَجَلَّ کي ڪثرت سان ياد ڪري ۽ مظلوم ۽ عادل بادشاهه.“ رواه البيهقی عن ابی هريرة رضی الله عنه (هن حديث کي امام بيهقي حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت ڪيو) (شعب الايمان جلد 1 ص 419، حديث: 588)

(16) **قال الرضا**: جيڪو اڪيلو جهنگل ۾ جتي ان کي الله کان سواءِ ڪوئي نه ڏسندو هجي ٻيهي نماز پڙهي.

ابن مندة وابو نعيم فی الصحابه عن ربيعه بن وقاص رضی الله عنه عن النبی صلی الله عليه وسلم:

﴿ثلاثة مواطن لا تردّ فيها دعوة عبد: رجل يكون فی بَرِيّة بحيث لايراه أحد إلا الله فيقوم فصلی﴾، الحديث[3]

---

[1] هن حديث کي ديلمي حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان روايت ڪيو. (ڪنزالعمال ڪتاب الاذڪار، حديث:3365، ج11، الجزء الثاني، ص47)

[2] هن حديث پاڪ کي ابو الشيخ حضرت ابو الدارداء رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت ڪيو. (ڪنزالعمال جلد1ص43،حديث:3305)

[3] ابن منده و ابو نُعيم ”معرفة الصحابہ“ ۾ حضرت ربيع بن وقاص رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان وروايت ڪئي آهي ته حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ٽي مقام اهڙا آهن جو ان ۾ ٻانهي جي دعا ردّ ناهي

(17) **قال الرضا**: اهو غازي جيڪو ڪافرن سان جهاد لاءِ نڪري جيسيتائين واپس موٽي.

الديلمی عن ابن عباس رضی الله عنهما: اربع دعوات لاتردّ: دعوة الحاج حتی يرجع ودعوة الغازی حتی يصدر الحديث[1]

والبيهقي عنه بإسناد متماسك: ﴿خمس دعوات يستجاب لهن﴾ فذكر نحوه[2] خصوصاً جڏهن تہ معاذالله سندس ساٿي ڀڄي وڃن ۽ هيءُ ثابت قدم رهي، وهو في تتمة حديث ربيعه المارّ[3]

(18) **قال الرضا**: جنهن شخص ڪنهن تي احسان ڪيو پنهنجي محسن جي حق ۾ ان جي دعا ردّ ناهي ٿيندي.[4]

(19) **قال الرضا**: مسلمانن جي جماعت ملي ڪري دُعا ڪري، ڪجهہ دعا ڪن ڪجهہ آمين چون.

---

ڪئي ويندي، انهن مان هڪ اهو ٻانهو جيڪو جهنگل ۾ ٻيهي اهڙي طرح نماز پڙهي جو ان کي ان جي ربّ عزوجل کان سواءِ ڪوئي نہ ڏسندو هجي..(الحديث) (معرفة الصحابہ لابي نعيم، ربيعہ بن وقاص، حديث 2792، ج 2، ص 298)

1 ديلمي حضرت ابن عباس رضی الله عنهما کان روايت ڪئي آهي تہ چار دعائون ردّ ناهن ڪيون وينديون: حاجي جي دعا جيسيتائين موٽي نہ اچي ۽ غازي جي دعا ايسيتائين جو واپس موٽي (الحديث) (ڪنزالعمال ج1، ص43، حديث: 3301)

2 ۽ بيهقي **حضرت** سيدنا ابن عباس رضی الله عنهما جي سند سان روايت ڪئي تہ پنج قسم جي ماڻهن جون دعائون قبول ٿينديون آهن پوءِ انهن ذڪر ڪيل افراد جو ذڪر ڪيو. (شعب الايمان ج2، ص47، حديث:1125)

3 يعني ۽ ان جو تذڪرو ربيعہ بن وقاص رضی الله عنه کان روايت ڪيل حديث جي آخر ۾ آهي.

4 ديلمي حضرت ابن عمر رضی الله عنهما کان ۽ انهن سيد عالم صلى الله عليه وآله وسلم کان روايت ڪئي تہ جنهن شخص ڪنهن تي احسان ڪيو تہ احسان ڪرڻ واري جي حق ۾ ان جي دعا ردّ ناهي ٿيندي. (مسند الفردوس للديلمي ج1، ص386، حديث: 2863)

الطبرانی والحاکم والبیھقی عن حبیب بن مَسلمة الفِھریّ رضی الله عنه: ﴿لایجتمع ملأ فیدعو بعضھم ویؤمن بعضھم إلّا أجابھم الله تعالی﴾[1]

ھي يارھن تہ فقير ذڪر ڪيا انھن مان سواءِ نَو (9) ۽ ڏھ (10) جي باقي 9 صاحبِ ”حِصنِ حَصِين“ ڪان بہ رھجي ويا.

فالحمدلله علی حسن التوفیق[2]

# فصل نائون

## انھن صالح عملن جو بيان جن جي ڪَرڻ واري کي ڪنھن دعا جي حاجت ناھي.

قال الرضا: ھيءُ فصل جيتوڻيڪ ھن رسالي ۾ ناھي پر ھن مضمون کي حضرت مُصِنّف عَلّامہ قُدّسَ سِرُّہ ڪتاب ”الجواھر“[3] ۾ افادو فرمايو فقير غَفَرَاللهُ لَہ بوجہِ جلالتِ فائدہ و عظمتِ عائدہ (يعني عظيم فائدي ۽ منفعت کي سامھون رکندي) ان کي ھتي ذڪر ڪري ٿو، اھي ٽي شيون آھن: اوّل (1): درود شريف

امام احمد و ترمذي و حاڪم صحيح سند سان حضرت اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا: جڏھن رات جو چوٿائي حصو گذرندو ھو تہ

[1] طبراني، حاڪم ۽ بيھقي حضرت حبيب بن مسلمہ فھري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪئي تہ مسلمان جمع ھجن انھن مان ڪجھ دعا ڪن، ۽ ڪجھ آمين چون تہ الله تعاليٰ انھن جي دعا قبول فرمائيندو آھي. (المستدرڪ للحاڪم، ج4ص417، حديث:5529)

[2] ( يعني ھن حسن توفيق تي الله پاڪ جي لاءِ ئي سڀ خوبيون آھن)

[3] (جواھر البيان في اسرار الارڪان، فصل چھارم، ص285-186)

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيهي فرمائيندا ها: ”اي انسانو! خدا کي ياد ڪريو، خدا کي ياد ڪريو، آئي رَاجِفَه[1] ان ڪان پوءِ اچي ٿي رَادِفَه[2] آيو موت انهن شين ساڻ جيڪي ان ۾ آهن. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان دعا تمام گهڻي گهرندو آهيان هن ۾ حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي لاءِ ڪيتري مقرر ڪريان؟

فرمايو: ”جيتري چاهيو“

مون عرض ڪيو: چوٿائي

فرمايو: جيتري قدر چاهيو، اجان وڌيڪ ڪرين تہ تنهنجي لاءِ بهتر آهي.

مون عرض ڪيو: نصف (يعني اڌ)

فرمايو: ”جيتري چاهيو، اجان وڌيڪ ڪرين تہ تنهنجي لاءِ بهتر آهي.“

مون عرض ڪيو: پنهنجي سڄي دعا حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي لاءِ ڪيان يعني پنهنجي سڄي دعا جي بدلي حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود موڪليندو ڪيان؟

فرمايائون: ”ائين ڪندين تہ الله پاڪ تنهنجي سڀ مُهِمَّات (يعني اهم ۽ مشڪل ڪمن ۾) ڪفايت ڪندو ۽ تنهنجا گناهہ بخشي ڇڏيندو.“ (سنن الترمذي جلد 4، ص207، حديث:2465) احمد طبراني باسناد حسن راوي: هٰذا حديث الطبراني (يعني هي طبراني جي حديث جا الفاظ آهن) تہ هڪ شخص

---

[1] راجفہ مان مراد آهي قيامت جو پهريون صور چوتہ هن صور سان زمين ۾ سخت زلزلو پئجي ويندو. (مرأة المناجيح جلد7، ص157)

[2] رادفہ مان مراد ٻيو صور آهي جنهن سان مرده زنده ٿي اٿندا. (مرٰة المناجيح، جلد7، ص157)

عرض ڪيو: يارسول الله! مان پنهنجو ٽيون حصو حضور جي لاءِ دعا ڪيان؟

فرمايو: ”جيڪڏهن تون چاهين.“

عرض ڪيو: ٻه ٽهائي

فرمايو: ”هائو“

عرض ڪيو: سڄي دعا جي بدلي درود مقرر ڪريان.

فرمايو: ”ائين ڪندين ته خدا تنهنجي دنيا ۽ آخرت جا سڀ ڪم ناهي جڏيندو.“ (المعجم الڪبير، جلد4، ص35، حديث:3574) ۽ بيشڪ دورو سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ دعا آهي ۽ جنهن قدر ان جا فائده ۽ برڪتون مُصلِيّ(يعني درود شريف پڙهڻ واري) ڪـي ملن ٿا هرگز هرگز پنهنجي لاءِ دعا ۾ ناهن بلڪ ان جي لاءِ دعا تمام امتِ مرحومه جي لاءِ دعا آهي جو سڀ انهن جي دامت سان وابسته آهن.

سَلامتِ همه آفاق در سلامت تُست[1]

(2) ٻيون: ذڪر الٰهي.

بيهقي ”شعب الايمان“ ۾ بُڪَيۡر بن عتيق انهن سالم بن عبدالله انهن پنهنجي پيءُ عبدالله بن عمر انهن پنهنجي پيءُ حضرت عمر فاروق انهن حضور سيّد المرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضور جن ربُّ العزت ذي الجلال تقَدَّسَتۡ اسماؤهٗ کان روايت ڪئي ته فرمائي ٿو:

”من شغله ذكري عن مسألتي أعطيته أفضل ما أعطى السائلين“

1 ميں کيا بتاؤں تمنائے زندگی کیا ہے    حضور آپ سلامت رہیں کمی کیا ہے

ترجمو: جنهن کي منهنجي ياد مونسان گهرڻ کان روڪي، مان ان کي گهرڻ وارن کان بهتر عطا ڪندو آهيان.

(شعب الايمان ج1، ص413،حديث:572)

انهيءَ طرح حضرت سالم بن عبدالله سچي زندگي وقوف ۾ ذڪر اِلٰهي تي اقتصار ڪيو ۽ غروبِ آفتاب تائين لَاإِلٰهَ إِلَّا الله وحدهٗ لَاشَرِيكَ لَهٗ، لَهُ المُلكُ وَلَه الحَمدُ بِيَدِهِ الخَيرُوَهُوَعَلٰى كُلِّ شَيءٍ قَدِير، لَاإِلٰهَ إِلَّا الله وحدهٗ وَنَحنُ لَهٗ مُسلِمُونَ، لَاإِلٰهَ إِلَّا الله وَلَو كَرِهَ المُشرِكُونَ، لَاإِلٰهَ إِلَّا اللهُ رَبُّنَا وَرَبُّ آبَائِنَا الأَوَّلِينَ- پڙهندا رهيا.[1]

(3) ٽيون: تلاوتِ قرآن

نبي ڪريم پنهنجي ربّ جليل تَبَارَكَ وَتَعَالٰي کان روايت فرمائن ٿا:

”من شغله القرآن عن ذكرى و مسألتى أعطيتُه أفضل ما أعطى السائلين وفضل كلام الله على سائر الكلام كفضل الله على خلقه“

”جنهن کي تلاوت قرآن مجيد منهنجي ذڪر ۽ منهنجي سوال کان روڪي ڇڏي ته ان شخص کي ان کان بهتر ڏيندس، جيڪو تمام سائلن کي عطا ڪريان.

[1] ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي اهو اڪيلو آهي ان جو شريڪ ناهي، انهيءَ لاءِ آهي سڄي بادشاهت ۽ انهيءَ جي واسطي سڀ خوبيون، سڀ ڀلائي انهيءَ جي هٿ ۾ آهي، ۽ هُو هر شيءِ تي قادر آهي، الله ڪانسواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي اهو اڪيلو آهي ۽ اسان ان جي حضور گردن جهڪائيندڙ آهيون، الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي جيتوڻيڪ مشرڪ برو سمجهي، الله عَزَّوَجَلَّ ڪانسواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي جيڪو اسان جو رب ۽ اسان جي گذريل ابن ڏاڏن جو پروردگار آهي.

(شعب الايمان، جلد3 ص466، حديث:4080)

پوءِ فرمايو: ”بزرگي ڪلامِ اِلٰهي جي تمام ڪلامن تي ائين آهي جيئن بزرگيءِ ربُّ العزت جَلَّ جَلَالُه، ان جي تمام مخلوق تي.“

قال الترمذی: حدیث حسن (امام ترمذي هن حديث کي حسن قرار ڏنو).
(سنن الترمذي ج4، ص425، حديث:2935)

واللہ سبحٰنہ وتعالیٰ اعلم بالصواب[1]

## ڏاڙهي رنڱڻ جي فضيلت

”شرح الصدور“ جي صفحي 152 تي حضرت سيّدنا انس رضی اللہ عنہ کان روايت آهي: جيڪو شخص ڏاڙهي ۾ خضاب (يعني ڪاري رنگ کان علاوه مثلاً ڳاڙهي يا ڦڪي ڪلر جي مينڌي) لڳائيندو هجي. انتقال ڪانپوءِ مُنڪر نَڪير ان کان سوال نہ ڪندا. مُنْڪَر چوندو: اي نڪِير! مان ان کان ڇو سوال ڪريان جنهن جي چهري تي اسلام جو نور چمڪي رهيو آهي.

## مينڌي لڳائڻ جو طريقو

پاڻي وجهندي وقت مينڌي ۾ جيڪي ڳوڙهيون ٻڌجي وينديون آهن انهن کي چمچي ذريعي درست ڪريو ۽ پچائڻ کان بعد گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ائين لڳايو جو هر اچي وار جي چوٽي کان وني پاڙ تائين چڱي طرح مينڌي لڳي وڃي، اڌ بلڪ هڪ ڪلاڪ (يا ان کان وڌيڪ وقت کان پوءِ) ڌوئي ونو. جيڪڏهن گهاٽو رنگ چاهيو ٿا تہ انهيءَ تي ٻيهر مينڌي لڳايو. وڌيڪ بهتري جي لاءِ چانهہ جي پتّي اُباري ان جي پاڻي ۾ مينڌي پچائي ۽ ان مٿان ليمون

[1] (درستي جو علم الله رب العزت کي آهي)

نپوڙيو. مينڌي هڻڻ کان چار پنج ڏينهن بعد مڇن، هينئين چَپ جي هينان ۽ چهري جي آسپاس جتان وار جمڻ شروع ٿين ٿا اتان پاڙ ۾ اڇاڻ نظر اچڻ لڳندي آهي تنهنڪري پوري ڏاڙهي تي نہ لڳائڻ چاهيو تہ صرف اڇاڻ واري حصن تي ٿوري مينڌي لڳائيندا ڪيو. اڇي ڏاڙهي تي گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ هڪ ڀيرو بلڪ چاهيو تہ هفتي ٻن هفتن کان پوءِ بہ مينڌي لڳائي سگهجي ٿي. مٿي يا ڏاڙهي ۾ مينڌي لڳائي سمهي پوڻ اکين جي لاءِ نقصانده آهي، (هڪ نابينا سگِ مدينہ کي ٻڌايو تہ 10 سال ڀهريان ڪاري مينڌي هڻي سمهي پيس، اٿيس تہ نظر ختم ٿي چڪي هئي). عيد هجي يا شادي مرد جو هٿن پيرن کي مينڌي هڻڻ گناهہ آهي. (ننڍڙن ٻارن جي هٿن ۾ مينڌي نہ لڳايو، ٻار کي گناهہ ڪونہ ٿيندو، پر لڳائڻ واري کي ٿيندو). مينڌي خريدڻ کان پوءِ هڪ اڌ مهيني جي اندر اندر استعمال ڪري وٺو چوتہ ٿي سگهي ٿو مدّو پورو ٿيڻ وارو هجي. جڏهن مينڌي ڪاري ٿي وڃي، سخت ڳوڙهيون ٻڌجي وڃي ۽ پڄائڻ جي صورت ۾ سٽپ نہ هجي تہ اها هن ڳالهہ جي علامت آهي تہ هن جو مدّو ختم ٿي چڪو آهي.

صَـلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل









عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net